# هــاري

هن نظم جو جوڙيندڙ بردو سنڌي، سندس سچو نالو، محمد رمضان ولد خداڏنو لاشاري آهي. هُو 15 مارچ 1922ع تي ڳوٺ ماڪن ڪوري، ضلعي سکر ۾ ڄائو.

پاڻ انجنيئري کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. هُو سنڌي ٻوليءَ جو سٺو شاعر هو. سندس شعر ۾ سادگي ۽ سلاست آهي. سندس شاعريءَ جا مجموعا "اکڙيون مينگهه ملهار" ۽ "ٻُوندون بس نہ ڪن" جي نالي سان ڇپيل آهن. پاڻ 26 آڪٽوبر 1988ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

هــارِي پــيــارا، جوانَ سگهارا،
ملڪ مِٺي جــا جِــيءَ جيارا.

مهل ملي ٿئي، پــاڻ ملهائج،
محنت جــا ڪي مينهن وسائج.

جوڳ ڀليءَ کي ساجهر جــوڙ،
کيت سان نينهن نڀائج تــوڙ.

تنهنجي محنت لائــي رنــگ،
ڏک وڃن ٿئي سک جــو سنگ.

سَلي سَلي جــي ڪــر سنڀار،
ڪٽي منجهان ٿين ڪيچ خرار.

بک بيماري کــڍ پچائـــي،
تنهنجا ڳُڻ زمانـــو ڳائـــي.

تنهنجي محنت مک جـــو مـــانُ،
شال جيئين تـــون هارِي جـــوان!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- شاعر ملڪ مني جا جيءَ جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟
2- هاريءَ جي محنت ڪهڙو رنگ ٿي لائي؟
3- سَلي سَلي جي سنپار سان ڇا ٿو ٿئي؟
4- شاعر، هاريءَ کي ڪهڙي دُعا ٿو ڪري؟

**(ب) هيٺيان اصطلاح سمجهايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

پاڻ ملهائڻ – نينهن نيائڻ – رنگ لڳائڻ – ڳڻ ڳائڻ.

**(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

سگهارا – مهل – ساجهر – سنگ – ڪٽي – ڪيچ – ڳڻ.

**(د) هيٺين جملن مان صفت ڳوليو:**

1- گلاب جو گل سڀني گلن کان سهڻو آهي.
2- ساران هڪ سياڻي نينگري آهي.